# رزق ۾ تنگي جا سبب

## هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾
## ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

16-February-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# رزق ۾ تنگي جا سبب

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه          وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه
اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه          وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

سَعَادَةُ الدَّارَين ۾ آهي تہ هڪ شخص دَربارِ رسالت ۾ حاضِر ٿي فَقر ۽ فاقي ۽ رِزق ۾ تنگي جي شِڪايت ڪئي تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن توهان پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيو تہ سلام ڪيو چاهي گهر ۾ ڪو هجي يا نہ هجي، پوءِ مون تي سَلام موڪليو ۽ هڪ ڀيرو سوره اِخلاص پڙهي ونو. ان شخص ائين ئي ڪيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان تي رِزق ڪشادو ڪيو ايستائين جو ان جي پاڙيسرين ۽ رِشتيدارن کي بہ ان رِزق مان حصّو مليو. (سعادة الدارين،الباب الثانی فيما ورد فی فضل الصلاة والتسليم ...الخ، حرف الجيم، ص۸۴)

قليل روزی پہ دو قناعت،فُضول گوئی سے ديدو نفرت    دُرود پڑھتا رہوں بکثرت، نبیِ رحمت شفيعِ اُمت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان

سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِهٖ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبیر للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس .

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري تي غور ڪيون تہ اسان کي هن ڳالھ جو چڱي طرح اندازو ٿيندو تہ اسان جي معاشري جو تقريباً هر فرد ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت ۾ گرفتار آهي ڪو قرضدار آهي تہ ڪو گهريلو ناچاقين جو شڪار، ڪو تنگدست آهي تہ ڪو بي رُوزگار، ڪو اَولاد جو طلبگار آهي تہ ڪو نافرمان اَولاد جي ڪري بيزار، مطلب هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت ۽ پريشاني ۾ گرفتار آهي، مصيبتن جي هن ميڙ ۾ اڄڪلھ تنگدستي ۽ رزق ۾ بي برڪتي عام ٿيندي پئي وڃي، اهو ئي سبب آهي تہ شايد ئي ڪوئي گهر ان پريشاني کان محفوظ نظر اچي، حيرت انگيز ڳالھ هي

آهي تہ اسان جي معاشري ۾ تنگدستي، فقر ۽ فاقہ ڪشي (بُک)، بي روزگاري ۽ رزق ۾ بي برڪتي بابت ڳالهيون گهڻيون ڪيون ويندیون آهن، پر قرآن و حديث ۽ بزرگانِ دين جي اقوال ۾، جيڪي رزق ۾ بي برڪتي جا سبب بيان ڪيا ويا آهن انهن جي باري ۾ سنجيدگي سان غور ويچار ڪرڻ ۽ انهن سببن کي پري ڪرڻ جي عملي ڪوشش ناهي ڪئي ويندي، اڄ جي هن اجتماع ۾ اسان اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ رزق ۾ تنگي جي سببن بابت ٻڌنداسين تہ جيئن بي برڪتي جي انهن سببن کي پري ڪري اسان هن پريشاني کان آزادي حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي سگهون. اچو سڀ کان پهريان رزق ۾ خير و برڪت جي باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا ۽ ان مان مدني گل حاصل ڪيون ٿا:

## رزق جي قدر ڪرڻ جي برڪت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 1548 صفحن تي مشتمل ڪتاب فيضانِ سُنّت جي جلد اَوّل جي صفحي نمبر 263 تي آهي: زبردست محدّث حضرت سيّدنا هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه کي بغداد جي خليفي مامون رشيد ڀاڻ وٽ دعوت تي گهرايو، کاڌي جي آخر ۾ کاڌي جا جيڪي ذرا وغيره ڪِري پيا هئا، اهي محدّث حضرتِ سيّدنا هُدّبہ بن خالد رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه چونڊي چونڊي ڪري کائڻ لڳا،خليفہ بغداد مامون رشيد حيران ٿي ڪري چيو، اي شيخ! ڇا توهان جو اڃا تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون چو نہ! دراصل ڳالهہ هي آهي جو مون کي حضرت سيّدُنا حمّاد بن سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْه هڪ حديث بيان فرمائي آهي تہ ”جيڪو شخص دسترخوان تي ڪِريل ذرن کي چونڊي چونڊي ڪري کائيندو اهو تنگدستي کان بي خوف ٿي ويندو.“ (اتحاف السادةالمتقين،الباب الاول،۵/۵۹۷) مان انهيءَ حديثِ پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان، اهو ٻڌي ڪري مامون بيحد متاثر ٿيو ۽ پنهنجي هڪ خادم ڏانهن اشارو ڪيائين تہ هو هڪ هزار دينار رومال ۾ ٻَڌي

ڪري ڪٽي آيو، مامون ان کي حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪيو، حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايو اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حديث مبارڪ تي عمل جي هٿوهٿ برڪت ظاهر ٿي وئي. (ثمراتُ الاوراق، ۸/۱)

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت ،فيضانِ سُنّت جلد 1 تان پيش ڪئي وئي آهي ،اچو انهي مناسبت سان فيضانِ سنّت جلد 1 جو تعارف به ٻڌون ٿا.

## ڪتاب "فيضانِ سنّت (جلد اول)" جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! فيضانِ سنّت (جلد اول) درحقيقت شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جي تاليف ڪيل مستقل 4 ڪتابن کي پنهنجي دامن ۾ ورتل آهي (1) "فيضانِ بِسمِ الله" هي باب بسم الله جي فضائل ۽ ان سان متعلق دلچسپ حڪايتن تي مشتمل آهي (2) " آدابِ طعام" جيڪو کائڻ جي سُنّتن ۽ آداب کان علاوه 99 سبق آموز حڪايات تي مشتمل آهي (3) "پيٽ جو قفلِ مدينہ " جيڪو ضرورت کان زياده کائڻ جي ديني ۽ دنياوي نقصانات جي بيان پڻ قفلِ مدينہ جي برڪتن سان مالامال حديثن ۽ حڪايتن تي مشتمل آهي، (4) "فيضانِ رمضان" جيڪو روزا، تراويح، اعتڪاف، زڪوٰة ۽ عيدُ الفطر جي فضائل ۽ رنگ برنگي خوشبودار مدني گلن جو نهايت ئي حسين گلدستو آهي. حقيقت هي آهي تہ فيضانِ سُنّت (جلد اول) موضوعات جي ڪثرت ۽ جامعيت جي اعتبار سان نہ فقط درس ڏيڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ بلڪ تمام مسلمانن جي لاءِ مفيد ۽ علم دين حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. لهٰذا تمام اسلامي ڀائرن سان مدني التجاء آهي تہ اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديةً حاصل ڪريوءِ وقتًا فوقتاً ان جو مطالعو ڪندا رهو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت تائين انگريزي کان علاوه گجراتي، سنڌي ۽ بنگالي زبانن ۾ بہ هن ڪتاب جو ترجمو ٿي چڪو آهي. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawteislami.net ان هن ڪتاب

ڪي پڙهي بہ سگھجي ٿو، ڊائون لوڊ (download) بہ ڪري سگھجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (print out) بہ ڪري سگھجي ٿو .

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي جيڪا اسان حڪايت پڙهي ان حڪايت مان هي بہ معلوم** ٿيو تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سنّتن تي عمل جي مُعاملي ۾ دنيا جي وڏي کان وڏي رئيس بلڪ بادشاهہ جي بہ پرواهہ نہ ڪندا هئا، هن حڪايت مان اسان جي انهن اسلامي ڀائرن کي درس حاصل ڪرڻ گھرجي،جيڪي ماڻھن جي مروت جي ڪري ڪاٺڻ پيئڻ جون سنّتون ڇڏي ڏيندا آهن جيڪي ماڻھن جي ڪري ڏاڙهي شريف رکڻ جي عظيم سنّت کان محروم رهندا آهن ۽ عِمامي مبارڪ جي عزّت واري تاج کي مٿي تي سجائڻ کان ڪتائيندا آهن، انهن کي بہ غور ڪرڻ گھرجي، يقيناً سُنّت تي عمل ڪرڻ ٻنهي جهانن ۾ سعادت جو ڪارڻ آهي ،

جو اپنے دل کے گُلدستے میں سُنت کو سجاتے ہیں وہ بے شک رَحمتیں دونوں جہاں کی حق سے پاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!زبردست محدّث ۽ عالِمِ دين حضرت سيّدنا هدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه رزق جي قدر ڪئي، دسترخوان تي ڪريل ذرن کي چونڊي ڪري کاڌائون تہ اللّٰه تعاليٰ رزق جي قدر ڪرڻ جي برڪت سان انهن کي هڪ هزار دينار شاهي دربار تان ڏياريا ۽ پاڻ مالدار ٿي ويا. تنهنڪري اسان کي بہ گھرجي تہ نہ صِرف رزق جي بلڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي تمام نعمتن جو خوب خوب قدر ڪريون ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن نعمت جي نا شڪري نہ ڪريون.

## رزق جي ناشڪري، رزق ۾ گھٽتائي جو سبب ٿي سگھي ٿي

تفسير صراطُ الجنان جي ٽئين جلد جي صفحي 543 تي آهي: جڏهن

مسلمان اللّٰه تعاليٰ جي ناشڪري ڪندي، يادِ خدا کان غفلت کي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏي، ۽ پنهنجي نفساني خواهشن جي پورائي ۾ مصروف ٿي وڃي ۽ پنهنجي بُرن عملن جي گهٽائي جي ڪري پاڻ کي اللّٰه تعاليٰ جي نعمتن جو نااهل ثابت ڪري ڇڏيندا آهن تہ اللّٰه تعاليٰ انهن کان پنهنجون ڏنل نعمتون واپس وٺي ڇڏيندو آهي. (صراطُ الجنان، ۵۴۳/۳) قرآنِ پاڪ جي سيپاري 13 سوره ابراهيم جي آيت نمبر 7 ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ شڪر جي اهميت ۽ ناشڪري جي وبال کي واضح ڪندي ارشاد فرمايو:

وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَىٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِیْدَنَّكُمْ وَلَىٕنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِیْ لَشَدِیْدٌ(۷) (پ۱۳،ابراهيم:۷)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ياد ڪريوجڏهن توهان جي رب ٻڌائي ڇڏيو شڪر ڪندؤ تہ مان توهان کي وڌيڪ ڏيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪيو تہ منهنجو عذاب سخت آهي.

## رزق جي بي قدري جو احوال ۽ ان جو وبال

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه اڄڪلهہ انتهائي بي حسي سان ٿيندڙ رزق جي ناقدري ۽ بي حُرمتي تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: اڄڪلهہ رِزق جي بي قدري ۽ بي حُرمتي مان ڪهڙو گهر خالي آهي، بنگلي ۾ رهڻ واري اَرب پَتي کان وٺي جهوپڙي ۾ رهڻ وارو مزدور بہ ان بي احتياطي جو شڪار نظر اچي ٿو، شادي ۾ طرح طرح جي کاڌن جي ضائع ٿيڻ کان وٺي گهرن ۾ ٿانوَ ڌوئڻ وقت جهڙي نموني بوڙ جو شوربو، چانور ۽ ان جا اجزا وهائي مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نالي جي حوالي ڪيا ويندا آهن، جنهن سان اسان سڀ واقف آهيون، ڪاش رِزق ۾ تنگي جي هن عظيم سبب تي اسان جي نظر هجي ها ۽ کاڌي کي ضائع ٿيڻ کان بچائي وٺون ها ڇو تہ هي (کاڌو) اهڙي شيءِ آهي جنهن جو ادب ۽ احترام اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد

فرمايو، جيئن تہ

اُمُ المؤمنين سيّدُتنا عائشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا فرمائن ٿيون، ”بنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ کون و مکان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهر مبارڪ ۾ تشريف کڻي آيا، مانيءَ جو ٽکر ڪِريل ڏٺائون تہ ان کي کڻي ڪري اگهيائون پوءِ کاڌائون ۽ فرمايائون، يَا عَائِشَةُ اَكْرِمِيْ كَرِيْمًا فَاِنَّهَا مَا نَفَرَتْ عَنْ قَوْمٍ قَطُّ فَعَادَتْ اِلَيْهِمْ “ اي عائشہ! ( رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا) سٺي شيء جو احترام ڪريو، جو اها شيء (يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم کان هلي وئي آهي تہ موٽي ناهي آئي. (ابن ماجه، ڪتاب الاطعمة، باب النهي عن القاء الطعام، ۴/ ۴۹،حديث:۳۳۵۳)

تنهنڪري اسان کي کاڌي جهڙي عظيم اللّٰہ جي نعمت جو قدر ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان گڏوگڏ کاڌو کائڻ وقت کاڌي جي سنتن ۽ آداب جو بہ خُوب خُوب خيال رکڻ گهرجي ڇوتہ جيڪڏهن اسان کائڻ جي وقت کاڌي جي سنتن ۽ آداب کي پيشِ نظر رکنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ نہ صرف رزق جي بي قدري کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين بلڪ دُنيا ۽ آخرت جي ڪوڙ سارين ڀلائين سان گڏوگڏ رزق ۾ خير و برڪت جي نعمت سان بہ سرفراز ٿينداسين. اچو پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تجويز ڪيل رزق ۾ خير و برڪت جو هڪ مدني نُسخو ٻڌون ٿا ۽ ان کي اپنائڻ جي نيت ڪيون ٿا.

## خيرءِ برڪت جو نُسخو

خليفهءِ ثاني امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ مدينهءِ منوّره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي تہ ” گڏجي کائو الڳ الڳ نہ کائو جو برڪت جماعت سان گڏ آهي. (ابن ماجه،ڪتاب الاطعمة، باب الاجتماع على الطعام، ۴/ ۲۱ ،حديث: ۳۲۸۷)

حضرت سيّدُنا وحشي بن حرب رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنهنجي ڏاڏي سائين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت ڪن ٿا تہ صحابہء ڪِرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھم بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو:

يارسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کاڌو تہ کائيندا آهيون پر ڍؤ ناهي ٿيندو؟ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”توهان الڳ الڳ کائيندا هوندؤ؟“ عرض کيائون ”جي ها“. فرمايائون، گڏجي ويهي کاڌو کائيندا ڪريو ۽ بِسْمِ الله پڙهي ڇڏيندا ڪريو توهان جي لاءِ کاڌي ۾ برڪت ڏني ويندي.

(ابوداود، كتاب الاطعمة، باب فی الاجتماع علی الطعام، ۳/۴۸۶ ،حديث: ۳۷۶۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بُرا عمل بہ رزق ۾ تنگي جا سبب آهن

رزق ۾ تنگي جو هڪ سبب گناهہ ڪرڻ بہ آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ وقتا فوقتاً انسان کي پيش اچڻ وارين مختلف قسمن جي مصيبتن مان تنگدستي، بي روزگاري ۽ رزق ۾ بي برڪتي جو بہ هڪ وڏو سبب ان جا پنهنجا ئي برا عمل آهن، انسان جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جون نافرمانيون ڪرڻ تي لهي ايندو آهي ۽ گُناهہ تي گُناهہ ڪرڻ لڳندو آهي تہ تنگدستي، بي روزگاري ۽ ان جي علاوه ڪيترين ئي مصيبتن جو شڪار ٿي ويندو آهي، سيپاري 25 سورةُ الشّوريٰ جي آيت نمبر 30 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ﴿۳۰﴾ (پ۲۵، الشوري:۳۰)

**ترجموڪنز الايمان:** ۽ توهان کي جيڪا مصيبت پهتي اهو ان جي سبب آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو ۽ اهو گهڻو ڪجهہ تہ معاف فرمائيندو آهي

صَدرُ الافاضِل حضرتِ علّامہ مولانا سَيد مفتي محمد نعيمُ الدّين مُرادآبادي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن آيت ڪريمہ تحت فرمائن ٿا تہ دنيا ۾ جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون مومنن کي پهچنديون آهن اڪثر انهن جو سبب انهن جا گناهہ هوندا آهن، انهن تڪليفن کي الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي گناهن جو ڪفارو ڪندو آهي.

نفس و شيطان ہوگئے غالب ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا يارَبّ

کرکے توبہ میں پھر گناہوں میں ہو ہی جاتا ہوں مُبتَلا یا رَبّ
نیم جاں کر دیا گناہوں نے مرضِ عصیاں سے دے شفا یا رَبّ

وسائلِ بخشش مرمم، ص۷۹

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ مُبارڪہ ۽ ان جي تفسير کي پيشِ نظر رکندي اسان پنهنجي حالت تي غور ڪيون تہ طرح طرح جي مصيبتن ۽ رزق ۾ بي برڪت جو سبب ڪٿي اسان جا پنهنجا ئي برا عمل تہ ناهن چوتہ اڄڪلهہ اسان جي معاشري ۾ گُناهن جو بازار ايتري قدر گرم آهي جو اَلاَمَانُ وَالحَفِيظ. بد قسمتي سان ماڻهن جو وڏو تعداد بي عملي جو شڪار آهي، نہ حقوقُ العباد يعني ماڻهن جا حقوق جي ادائيگي جو خيال آهي ۽ نہ ئي حقوقُ الله جي بي پناہ پائمالي جو ڪوئي احساس، نيڪيون ڪرڻ نفس جي لاءِ بي حد دُشوار ۽ گناہ ڪرڻ نهايت آسان ٿي چڪو آهي، مسجِدن جي وِيراني ۽ سينما گهرن ۽ ڊرامہ گاهن جي رونق، دين جو دَرد رکڻ وارن کي تڙپائي ڇڏي ٿي. ٽي وي، ڊش اِنٽينا، انٽرنيٽ ۽ ڪيبل جو گُناهن ڀريو استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد بہ گهٽ ناهي، ضَرورتن جي پورائي ۽ سَهولتن کي حاصل ڪرڻ ۾ حد کان وڌيڪ ڪوشش مسلمانن جي وڏي تعداد کي آخرت جي فڪر کان بلڪل غافل ڪري ڇڏيو آهي. گار ڏيڻ، تهمت لڳائڻ، بدگماني ڪرڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ، ماڻهن جا عيب ڄاڻڻ جي جستجو ۾ رهڻ، ماڻهن جا عيب کولڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙا وعدا ڪرڻ، ڪنهن جو مال ناحق کائڻ، رت وهائڻ، ڪنهن کي بِلااجازتِ شَرعي تڪليف ڏيڻ، قرض ڦٻائڻ، ڪنهن جي شيءِ عارِيتاً (يعني وقتي طور تي اڌار ورتل شي) وٺي واپَس نہ موٽائڻ، مسلمانن کي بُرن لقبن سان سڏڻ، ڪنهن جي شيءِ ان کي ناگوار گذرڻ باوُجُود بِلااجازت استعمال ڪرڻ، شراب پيئڻ، جُوا کيڏڻ، چوري ڪرڻ، بدڪاري ڪرڻ، فلمون ڊراما

ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، وياج ۽ رِشوت جو ڏي وٺ ڪرڻ، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ ۽ انهن کي ستائڻ، امانت ۾ خِيانت ڪرڻ، بدنگاهي ڪرڻ، عورَتن جو مَردن جي ۽ مردن جو عورتن جي مُشابَهت (يعني نقل) ڪرڻ، بي پردگي، غُرُور، تڪبر، حَسَد، رِياڪاري، پنهنجي دل ۾ ڪنهن مسلمان جو بُغض ۽ ڪينو رکڻ، شُماتَت (يعني ڪنهن مسلمان کي مرض، تڪليف يا نقصان پهچڻ تي خوش ٿيڻ) ، ڪاوڙ اچڻ تي شريعت جون حدون اورانگهڻ، گناهن جو حرص، حُبِّ جاهه، بخل، خود پسندي وغيره مُعاملا اسان جي مُعاشَري ۾ وڏي بي خوفي سان ڪيا ويندا آهن. ٿورو سوچيو ته ايتري قدر گُناهن جي باوجود به جيڪڏهن اسان کي رزق ۾ تنگي و محرومي کي منهن نه ڏيڻو پوي ته ٻيو ڇا ٿئي؟ تنهنڪري جيڪڏهن اسان معاشي ترقي ۽ برڪت جا خواهش مند آهيون ۽ طرح طرح جي مصيبتن ۽ رزق جي محرومين کان بچڻ چاهيون ٿا ته اسان کي گُناهن جي مصيبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو، ياد رکو! گُناهن جي ارتڪاب جي باوجود مصيبتن کان نجات جي تمنّا ڪرڻ ڄڻ ڪندا پوکي گلاب جا گل حاصل ڪرڻ جي توقع ڪرڻ آهي.

ديکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: لَايَرُدُّ الْقَدْرَ اِلَّا الدُّعَاءُ وَلَا يَزِيدُ فِي الْعُمُرِ اِلَّا الْبِرُّ فَاِنَّ الرَّجُلَ لَيُحْرَمُ الرِّزْقَ بِالذَّنْبِ يصيبه، يعني دعا سان تقدير بدلجي ويندي آهي ۽ نيڪين سان عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي، بي شڪ ٻانهو گناهن جي سبب ان رزق کان محروم ڪيو ويندو آهي جيڪو ان کي ملڻو هوندو آهي. (المستدرک،کتاب الدعاء والتکبیر،باب:لایرد القدر...الخ ، ۱۶۲/۲، حدیث۱۸۵۷)

عاشقِ مال اس میں سوچ آخر کیا عُروج و کمال رکھا ہے؟
تجھ کو مل جائے گا جو قسمت میں تیری رزقِ حلال رکھا ہے

وسائل بخشش مرمم، ص ۴۴۴

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رزق ۾ تنگي جي سببن مان هڪ سبب بدڪاري (يعني زنا) ڪرڻ بہ آهي، بدقسمتي سان اها وَبا بہ اسان جي معاشري ۾ موجود آهي، جڏهن تہ قرآنِ ڪريم ۾ مختلف هنڌن تي هن ڪبيره گُناھ کان منع ڪيو ويو آهي جيئن سيپاري 15 سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر 32 ۾ ارشادِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَ لَا تَقْرَبُوا الزِّنٰۤى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَ سَآءَ سَبِيْلًا ﴿۳۲﴾ (پ۱۵،بني اسرائيل:۳۲)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بدڪارِي (يعني زنا) جي قرِيب نہ وڃو بيشڪ اُها بي حيائِي آهي ۽ نهايت ئِي بُرِي واٽ.

نور جي پيڪر،تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: بدڪاري ڪبيره گناهن مان هڪ نهايت وڏو گناھ آهي ۽ بدڪاري ڪرڻ واري تي قيامت تائين الله عَزَّوَجَلَّ، ان جي ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت وسندي رهندي آهي ۽ جيڪڏهن هو توبہ ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي توبہ قبول ڪندو.

(بحر الدموع لابن جوزى، الفصل السابع و العشرون، موبقات الزنى و عواقبہ، ص ۱۶۵)

ياد رکو! بدڪاري جو مطلب صرف ۽ صرف اهو ناهي تہ مرد ۽ عورت هڪ ٻئي سان ناجائز تعلقات قائم ڪري بُرائي ڪن بلڪ ان کان علاوه انسان اک، ڪن، زبان، هٿ ۽ پيرن جي ذريعي جيڪي مختلف قسم جا گُناھ ڪندو آهي حديثِ پاڪ ۾ انهن کي بہ بدڪاري ئي قرار ڏنو ويو آهي جيئن تہ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اکين جو زنا بدنگاهي آهي. (بخارى، كتاب الاستئذان، باب زنا الجوارح دون الفرج، ۴ /۱۶۹،حديث :۶۲۴۳) اهڙي طرح هڪ ٻي حديث پاڪ

۾ آهي ته اکين جو زنا ڏسڻ، کنن جو زنا ٻڌڻ، زبان جو زنا گفتگو ڪرڻ، هٿ جو زنا ڇهڻ ۽ پيرن جو زنا پيرن سان هلڻ آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اک، ڪن زبان، هٿ، پير ۽ ان کان علاوه ٻيا عضوا جيڪي يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جون عظيم نعمتون آهن، انهن کي هميشه الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري وارن ڪمن ۾ استعمال ڪريون، هرگز بدڪاري وارن ڪمن ۾ استعمال نه ڪيون، ڇوته بدڪاري جتي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضي جو ذريعو آهي اتي رزق ۾ تنگي جو به سبب آهي اچو ان باري ۾ 3 فرمانِ مُصطَفٰي ٻڌون ٿا:

1. حضرت ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي ته رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَلزِّنَا يُوْرِثُ الْفَقْر يعني بدڪاري تنگدستي جو سبب آهي. (شعب الايمان، الباب السابع و الثلاثون...الخ، بابفى تحريم الفروج، ۴/۳۶۳، حديث:۵۴۱۷)

2. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: مون فيصلو ڪيو آهي ته مان زاني کي تنگدست ڪندس جيتوڻيڪ ڪجهه عرصي کان پوءِ سهي. (بحر الدموع لابن جوزى،الفصل السابع و العشرون، موبقات الزنى و عواقبہ،ص ۱۶۶)

3. بدڪاري کان پري رهو ڇوته ان جا ڇهه (6) نقصان آهن: ٽي دنياوي ۽ ٽي اُخروي، دُنياوي نقصان هي آهن ته (1) ان سبب چهري جي رونق ختم ٿي ويندي آهي. (2) تنگدستي پيدا ٿيندي آهي ۽ (3) عمر گهٽجي ويندي آهي. اُخروي نُقصان هي آهن (1) ان جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو غضب ٿيندو. (2) حساب ۾ سختي ٿيندي. ۽ (3) جهنم ۾ داخلو ٿيندو. (كنزالعمال، كتاب الحدود،قسم الاقوال، الباب الثانى فى انواع الحدود ، جز ۵، ۳/۱۲۶، حديث: ۱۳۰۱۸)

مٹا دے ساری خطائیں مری مٹا یا رَبّ بنادے نیک بنا نیک دے بنا یا رَبّ

وسائلِ بخشش مرمم،ص ۷۸

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وياج ۾ رزق ۾ تنگي جو سبب آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رزق ۾ تنگي جي سببن مان هڪ سبب وياج خوري به آهي جيئن ته روايت آهي: اِيَاكُمْ وَالرِّبَا فَاِنَّهُ يُوْرِثُ الْفَقْرَ يعني وياج کان بچو ڇوته هي تنگدستي آڻي ٿو. (ارشاد الساری،کتاب مناقب الانصار، باب حديث زيدبن نفيل...الخ، ۳۴۳/۸، حديث:۳۸۲۸) ياد رکو! وياج هڪ اهڙي برائي آهي جنهن هميشه مَعِيشت ۽ روزگار کي تباهه ۽ برباد ڪيو آهي، قرآن ۽ حديث ۾ وياج جي نهايت سخت لفظن ۾ مذمّت بيان ڪئي وئي آهي، ايستائين جو وياج کان پاسو نه ڪندڙن کان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان جنگ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جيئن سيپاري 3 سوره بقره جي آيت نمبر 278 ۽ 279 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰۤوا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۷۸﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۹﴾ (پ۳، البقرة:۲۷۹)

**ترجموڪنزالايمان**: اي ايمان وارو الله کان ڊڄو ۽ ڇڏي ڏيو جيڪو وياج باقي رهجي ويو آهي جيڪڏهن مسلمان آهيو، پوءِ جيڪڏهن ائين نه ڪيوَ ته يقين ڪريو الله ۽ الله جي رسُول سان لڙائي جو ۽ جيڪڏهن توهان توبهه ڪيو ته پنهنجو اصل مال وٺو نه توهان ڪِنهن کي نُقصان پُهچايو ۽ نه توهان کي نُقصان هُجي.

هڪ بي هنڌ تي ارشاد فرمايو:

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ

**ترجموڪنزالايمان**: جيڪي ماڻهو وياج کائيندا آهن قيامت جي ڏينهن انهي ماڻهو وانگر اُٿندا جنهن کي جن (آسيب) ڇُهي مخبوط

الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْۤا اِنَّمَا الْبَیْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَ اَحَلَّ اللّٰهُ الْبَیْعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ (پ۳، البقرة:۲۷۵)

بڻايو هجي، اهو ان لاءِ جو انهن چيو ته بيع به ته وياج وانگر ئي آهي، ۽ الله حلال ڪيو بيع کي ۽ حرام ڪيائين وياج کي.

صدرُ الافاضل حضرت علّامہ مولانا سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن آيت تحت فرمائن ٿا: معني هي آهي ته جيئن آسيب زده سڌو بيهي نٿو سگهي، ڪري پوندو آهي، قيامت جي ڏينهن وياج خور جو اهڙو ئي حال ٿيندو ته وياج سان ان جو پيٽ نهايت وزني ٿي پوندو ۽ هو ان جي وزن سان ڪري پوندو. مزيد فرمائن ٿا ته هن آيت ۾ وياج جي حرمت ۽ وياج خورن جي شامت جو بيان آهي وياج کي حرام فرمائڻ ۾ گهڻيون حڪمتون آهن بعض ان مان هي آهن ◈ وياج ۾ جيڪا اضافو ورتو ويندو آهي اهو هڪ بئي کان مالي ڏي وٺ ۾ هڪ مقدار مال جو بنا بدل ۽ عوض جي وٺڻ آهي جي هي سراسَر ناانصافي آهي. ◈ وياج جو رواج واپار کي خراب ڪري ٿو جو ته وياج خور کي بنا محنت جي مال جو ملڻ واپار جي مشقتن ۽ خطرن کان ڪٿي وڌيڪ آسان معلوم ٿيندو آهي ۽ تجارتن جي ڪمي انساني معاشرت کي ضَرَر (يعني نقصان) پهچائيندي آهي. ◈ وياج جي رواج سان باهمي موَدَّت (يعني پاڻ ۾محبّت) جي سُلوڪ کي نُقصان پهچندو آهي جوته جڏهن انسان وياج جو عادي هجي ته هو ڪنهن کي"قرضِ حسن" ذريعي امداد پهچائڻ پسند نٿو ڪري. ◈ وياج سان انسان جي طبيعت ۾ درندن کان وڌيڪ بي رحمي پيدا ٿيندي آهي ۽ وياج خور پنهنجي مَديون (يعني مقروض) جي تباهي ۽ بربادي جو خواهش مند رهي ٿو ان جي علاوه به وياج ۾ بيا وڏا وڏا نقصان آهن ۽ شريعت جي مُمانَعَت عين حڪمت آهي. (خزائن العرفان، ص ۹۶ تا ۹۷ملخصاً)

## وياج جي مذمت ۾ 4 فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1. رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وياج کائڻ واري، کارائڻ واري، انهيءَ جي تحرير لکڻ واري ۽ انهيءَ جي گواهن تي لعنت ڪئي ۽ فرمايائون تہ اهي سڀ برابر آهن. (مسلم،کتاب المساقاة...الخ، باب لعن أكل الربا ومؤكله، ص۸۶۲،حديث:۱۵۹۸)

2. فرمايو: وياج جو هڪ دِرهم جنهن کي ڄاڻي ڪري کو کائي، هي ڇٽيهہ (36) ڀيرا بدڪاري کان بہ سخت آهي- (مسند امام احمد،مسند الانصار، ۲۲۳/۸، حديث:۲۲۰۱۶)

3. فرمايو: شبِ معراج منهنجو گذر هڪ قوم تي ٿيو جن جا پيٽ گهر جيان (وڏا وڏا) آهن، ان پيٽن ۾ نانگ آهن جيڪي ٻاهر کان نظر اچي رهيا هئا- مون پڇيو: اي جبرائيل! هي ڪير آهن ؟- چيائين: هي وياج خور آهن - (ابن ماجه،کتاب التجارات،باب التغليظ فی الربا،۷۲/۳،حديث:۲۲۷۳)

4. محسنِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: وياج سان (بظاهر) توڙي جو مال گهڻو ٿئي، پر نتيجو هي ٿيندو تہ مال گهٽجي ويندو- (مسندامام احمد ،مسند عبدالله بن مسعود،۵۰/۲، حديث:۳۷۵۴)

علّامہ عبدُ الرؤف مَناوي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن حديثِ پاڪ تحت فرمائن ٿا: وياج جي ذريعي مال ۾ وڏي تيزي سان اضافو ٿيندو آهي پر وياج وٺڻ واري شخص تي (مال جي) تباهي ۽ بربادي جا جيڪي دروازا کلندا آهن ان ڪري اهو مال گهٽ ٿيندي ٿيندي نيٺ ختم ٿي ويندو آهي. (فيض القدير،۶۶/۴،تحت الحديث:۴۵۰۵) وياج واري مال جي هلاڪت ۽ تباهي جي باري ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي.

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَ يُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ (پ ٣،البقرة:۲۷۶)

**ترجموڪنز الايمان:** الله وِياج کي برباد ڪري ٿو ۽ وڌائي ٿو خيرات کي

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا : هن آيت مان بہ مسئلا معلوم ٿيا هڪ هي تہ مومن جي لاءِ وياج ۾ برڪت ناهي هي ڪافر جي غذا ٿي سگهي ٿي مومن جي نہ، تنهنڪري پنهنجو پاڻ کي ڪافرن تي قياس نہ ڪيو ڪافر وياج کڻي ترقي ڪندو مومن زڪوٰة ڏئي. ٻيو هي تہ وياج جي پيسي سان زڪوٰة خيرات قبول نٿي ٿئي.
(نور العرفان، پ۳، البقرة، تحت الآية:۲۷۶ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآن ۽ حديث جي ان واضح ارشادن باوجود بہ جيڪڏهن ڪو وياج کان پاسو نہ ڪري ۽ ان کي پنهنجي معاشي ترقّي جو ضامن سمجهي تہ اها سَراسر ناداني ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني آهي. يقيناً وياج ۽ ان جي علاوه ٻين ناجائز ذريعن سان حاصل ڪيل حرام مال دنيا ۽ آخرت جي تباهي جو سبب آهي اچو انهي باري ۾ حرام مال جي تباهہ ڪاريون بہ ملاحظہ ڪيو.

## جهڙي غذا تهڙا ڪم

مال حرام جو وبال هي آهي تہ جڏهن حرام گرهہ پيٽ ۾ پهچي ٿو تہ ان سان نهندڙ رت انسان کي وڏيڪ برائين تي اياري ٿو. ايئن هو بُرائين جي دلدل ۾ ڦاسجندو هليو ويندو آهي ۽ پنهنجي عاقبت برباد ڪري ويهندو آهي. جيئن شيخ اڪبر امام مُحيُ الدّين ابنِ عربي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: کاڌو ويندڙ هر گرهہ پاڻ ئي جهڙي افعال جو سبب بڻجندو آهي يعني جيڪڏهن هو گرهہ حرام جو هوندو تہ حرام ڪمن جو سبب بڻجندو، مڪروه هوندو تہ مڪروه ۽ جيڪڏهن مباح هوندو تہ مباح ڪمن جو سبب بڻجندو ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن کاڌو بابرڪت هوندو تہ چڱن ڪمن جو سبب بڻجندو ۽ ٻانهي جي افعال ۾ برڪت ۽ گهٽائي جو سبب ٿيندو. (تفسير ابن عربی،پ۳، البقرة، تحت الآية:۲۷٦، ۱/۱۱۴)

## دعا جي قبول ٿيڻ ۾ حرام گره رڪاوٽ

حرام گرھ جو ھڪ وبال اھو بہ آھي تہ ھي دعائن جي قبوليت ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي ويندو آھي جيئن تہ حضرت سَيِدُنا ابوھريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آھي تہ شھنشاھ خوش خِصال، پيڪرِ حُسن وجمال صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھڪ شخص جو ذڪر ڪيو، جيڪو ڊگھو سفر ڪري ٿو، جنھن جو حال پريشان ۽ بدن مٽيءَ سان اَٽيل آھي ۽ پنھنجا ھٿ آسمان ڏانھن ڪٽي ڪري يا رب! يا رب! چوي ٿو (يعني دعا گھري ٿو) حالانڪ ان جو کائڻ حرام، پيئڻ حرام، لباس حرام ۽ غذا حرام ھجي، پوءِ انھيءَ جي دعا ڪيئن قبول ٿيندي.

(مسنداِمام احمد ، مسند ابی ھریرہ، ۳ /۲۲۰،حدیث:۸۳۵۶)

## عمل جي قبول ٿيڻ ۾ حرام گرھ رڪاوٽ

جھڙي طرح حرام گرھ جي نحوست سان دُعائن جي قبوليت رڪجي ويندي آھي اھڙي طرح نيڪ عمل بہ قبوليت جي منزل تائين نٿا پھچي سگھن جيئن تہ مَحبوبِ ربُّ العالمين، جنابِ صادق وامين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنھنجي غذا پاڪ ڪري وٺو! مستجابُ الدعوات ٿي ويندو، ان ذاتِ پاڪ جو قسم جنھن جي قبضہءِ قدرت ۾ محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آھي! ٻانھو حرام جو گرھ پنھنجي پيٽ ۾ وجھندو آھي تہ ان جي 40 ڏينھن جا عمل قبول ناھن ٿيندا ۽ جنھن ٻانھي جو گوشت حرام سان پلجي وڌيو ھجي ان جي لاءِ باھ کان وڌيڪ بھتر آھي.

(معجم الاوسط، ۳۴/۵، حدیث: ۶۴۹۵)

## رزق جو ضامن ڪير؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايتن مان معلوم ٿيو تہ حرام مال ۾ ھلاڪت ئي ھلاڪت آھي تنھنڪري ھڪ مسلمان جي لاءِ ضروري آھي تہ ھو دنيا ۽ آخرت جي بربادي ۽ رزق جي تنگي کان بچڻ جي لاءِ وياج ۽ حرام مال کان پاسو اختيار ڪري ۽ اھا ڳالھ چڱي طرح ذھن نشين ڪري تہ دنيا ۾ رھڻ

وارا تمام جاندار، چاهي ترقي يافتہ شهري هجن يا ڪنهن ڳوٺ جا رهواسي، ڳهاٽي جهنگ ۾ رهڻ وارا حيوان هجن يا بلند ۽ بالا وڻن جي چوٽي تي آکيڙن ۾ آباد پکي، سمنڊ جي گهرائين ۾ رهڻ واريون مڇيون هجن يا پٿرن جي پيٽ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح ۽ تقديس ڪرڻ وارا جيت، هر هڪ جو رزق خداء خالق ۽ رازِق عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ذمّي ڪنيو آهي. جيئن ارشادِ خداوندي آهي:

وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِي الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا

(پ۱۲،هود:۶)

**ترجموڪنز الايمان:** ۽ زمين تي چُرندڙ ڪا بہ شيءِ اِهڙي نہ آهي جِنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذِمي نہ هُجي

جڏهن پاڻ الله ربُّ العالمين جَلَّ جَلَالُهٗ هرجاندار جي رزق جو ضامن آهي تہ اسان کي گهرجي تہ انهيءَ جي ذات تي توڪل ڪيون ۽ وياج وٺي پنهنجي ئي مسلمان ڀائرن کي نقصان پهچائڻ جي بدران جائز ۽ حلال طريقي سان رزق طلب ڪيون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو نصيب ۾ آهي اهو ضرور ملندو. ٻنهي جهان جي مالِڪ و مختار، مڪي مَدَني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ رزق ٻانهي کي تلاش ڪندو آهي جيئن ان جو موت ان کي تلاش ڪندو آهي. (صحيح ابن حبان،کتاب الزکاة، باب ماجاء فی الحرص...الخ، ۹۸/۴، حديث:۳۲۲۷) تنهنڪري هن حديثِ پاڪ کي پيشِ نظر رکندي الله عَزَّوَجَلَّ تي ڪامل ڀروسو رکڻ گهرجي ۽ هن ڳالهہ کي پنهنجي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ رزق جي وُسعت ۽ گهٽتائي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۾ ئي پوشيده آهي، جڏهن اسان جي معاشري جو هر فرد ظاهري سببن سان گڏوگڏ رحمتِ الٰهي ۽ فضلِ خداوندي جو طالب ٿيندو، پنهنجي دل ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو ٻوٽو لڳائي رکندو، پنهنجي پاڻ کي گُناهن کان بچائيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف دل ۾ پيدا ڪندو ۽ ان تي ڪامل ڀروسو ڪندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي معاشري ۾ خوشحالي جو راڄ ٿيندو ۽ رزق ۾ اهڙي خير ۽ برڪت ٿيندي جيڪا اسان جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هوندي. جيئن تہ

ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

مَنۡ كَانَ يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ۬ؕ وَ مَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّ يَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ ؕ وَ مَنۡ يَّتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسۡبُهٗ ؕ (پ ٢٨، الطلاق:٢-٣)

**ترجَمو كنز الايمان:** جيڪو الله ۽ پوئين ڏينهن تي ايمان رکندو هجي ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي واسطي ڇوٽڪاري جي وات ڪڍي ڏيندو ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان به نه هجي ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي ته اهو ان کي ڪافي آهي

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسلام ۾ زڪوٰة بابت نظريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رزق ۾ تنگي ۽ معيشت ۾ زوال جو هڪ سبب زڪوة نه ڏيڻ به آهي. ياد رکو! زڪوٰة اسلام جو بنيادي رُڪن ۽ اهم ترين مالي عبادت آهي. اهو اهڙو خوبصورت نظام آهي جنهن جي ذريعي مُعاشري جي نادار ۽ محتاج ماڻهن کي مالي مدد ملندي آهي. جيڪڏهن سڄا مالدار ماڻهو درست طريقي سان زڪوٰة ادا ڪن ته غربت ۽ افلاس جو خاتمو ٿي ويندو. قرآنِ ڪريم ۾ زڪوٰة ادا نه ڪرڻ وارن جي باري ۾ سخت وعيد آئي آهي ، جيئن ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَ الَّذِيۡنَ يَكۡنِزُوۡنَ الذَّهَبَ وَ الۡفِضَّةَ وَ لَا يُنۡفِقُوۡنَهَا فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرۡهُمۡ بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ ۙ﴿۳۴﴾ (پ١٠، التوبة:٣٤)

**ترجَموكنز الايمان:** ۽ جيڪي گڏ ڪري رکن ٿا سون ۽ چانديِ ۽ اُن کي الله جِي راهِ ۾ خرچ نه ٿا ڪن اُنهن کي خوشخبري ٻڌاءِ دردناڪ عذاب جي.

اڄو زڪوٰة نه ڏيڻ وارن جي باري ۾ مالي نقصان ۽ معاشي بحران بابت به فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا

(1) ارشاد فرمايو: جيڪا قوم زڪوٰة نہ ڏيندي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ڏڪار ۾ مبتلا فرمائيندو. (معجم الاوسط ، ۳/۲۷۵، حديث: ۴۵۷۷)

(2) ارشاد فرمايو: خشڪي ۽ تري ۾ جيڪو مال تلف (يعني ضائع) ٿيندو آهي اهو زڪوٰة نہ ڏيڻ جي وجہ سان تلف ٿيندو آهي.

(ڪنزالعمال،ڪتاب الزکوة،قسم الاقوال، الفصل الثانی فی ترہيب مانع الزکوة،جز ۶، ۳/۱۳۱، حديث:۱۵۸۰۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالو ”تنگدستي جا سبب ۽ ان جو حل“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان واقعي معاشي پريشانين ۽ رزق جي تنگين مان نجات حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي گهرجي تہ رزق ۾ تنگي جي سببن جي معلومات حاصل ڪيون ۽ ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي خير خواهي جي جذبي تحت دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينۃُ العلميہ جي طرفان رزق ۾ تنگي جي سببن ۽ علاج تي مشتمل نهايت مختصر ۽ تمام مفيد رسالو ”تنگدستي جا سبب ۽ ان جو حل“ ترتيب ڏنو ويو آهي جنهن ۾ تنگدستي جا سبب، تجارتي معاملن ۾ قَسَم جو وبال، راشن ۾ بي برڪتي جو سبب، تنگدستي کان نجات ۽ رزق ۾ خير و برڪت حاصل ڪرڻ جي باري ۾نهايت مُفيد معلومات بيان ڪئي وئي آهي، تمام اسلامي ڀائرن سان مدني التجاء آهي تہ هن رسالي کي مڪتبۃُ المدينہ جي بستي تان هديةً حاصل ڪري نہ صرف پاڻ ان جو مطالعو ڪن بلڪ توفيق مطابق ٻين اسلامي ڀائرن ۾ بہ ثواب جي نيت سان ورهائي ان جي مطالعي جي ترغيب ڏيارين، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شعبي تراجم جي ڪوشش سان هن رسالي جو انگلش، هندي ۽ ملائي زبان ۾ بہ ترجمو ٿي چڪو آهي، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ(يعني پڙهي) بہ سگهجي

تو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

انهيءَ رسالي ۾ شيخ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي حوالي سان لکيو آهي ته پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا ته جهڙيءَ ريت روزيءَ ۾ برڪت جا اسباب آهن اهڙي طرح روزيءَ ۾ تنگيءَ جا به اسباب آهن، جيڪڏهن انهن کان بچيو وڃي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزيءَ ۾ برڪت ٿي برڪت ڏسندؤ. ان کان بعد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مسلمانن جي خير خواهي جي لاءِ تنگدستي جا سبب به بيان فرمايا آهن اچو ٻڌون ٿا:

◈ بنا هٿ ڌوئڻ جي کاڌو کائڻ ◈ متي اگهاڙو کائڻ ◈ اونداهيءَ ۾ کائڻ ◈ دروازي تي ويهي ڪري کائڻ ◈ دروازي تي ويهي ڪري پيئڻ ◈ ميّت جي پرسان ويهي ڪري کائڻ ◈ جنابت (يعني ناپاڪي جي حالت ۾ ) کاڌو کائڻ ◈ (ٿانوَ ۾) نڪتل کاڌي کائڻ ۾ دير ڪرڻ ◈ کٽ تي بنا دسترخوان وڇائڻ جي کائڻ ◈ کٽ تي پاڻ سيرانديءَ کان ويهڻ ۽ کاڌو پيرانديءَ کان رکڻ ◈ ڏندن سان ماني ڪٽڻ (برگر وغيره کائڻ وارا به احتياط ڪن) ◈ اسٽيل يا نڪر جا ڀڳل ٿانوَ استعمال ۾ رکڻ يا ان ۾ پاڻي پيئڻ (ياد رکو ! ٿانوَ يا کوپ جي ڀڳل حصي جي طرف کان پاڻي، چانهه وغيره پيئڻ مڪروهه آهي، نڪر جا ڏار پيل اهڙا ٿانوَ جن جي اندروني حصي مان ٿوري به مٽي اکڙيل هجي ته ان ۾ کاڌو نه کائو ڇو ته مر مٽي ۽ جراثيم پيٽ ۾ وڃي ڪري بيمارين جوسبب بڻجي سگهن ٿا) ◈ کاڌل ٿانوَ صاف نه ڪرڻ ◈ کاڌو جنهن ٿانوَ ۾ کاڌو آهي انهيءَ ۾ هٿ ڌوئڻ ◈ خلال ڪرڻ وقت جيڪي ذرا نِڪرن انهن کي وري وات ۾ رکي ڇڏڻ ◈ کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ نه ڍڪڻ. کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ بِسْمِ الله پڙهي ڪري ڍڪڻ گهرجن ڇوته بلائون (يعني بيماريون) لهنديون آهن ۽ خراب ڪري ڇڏينديون آهن پوءِ اهو کاڌو ۽ مشروب

بيماريون پيدا ڪندو آهي.◈ مانيءَ ڪي اچلائڻ جو بي ادبي ٿئي ۽ پيرن ۾ اچي.

(سنی بہشتی زیور ص ۵۹۵ تا۶۰۱ ملخصاً) **حضرت** سيّدُنا امام برهان الدين زرنوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تنگدستي جا جيڪي سبب بيان فرمايا آهن انهن ۾ هي بہ آهن ◈ گهٽي سمهڻ جي عادت (ان سان جهالت بہ پيدا ٿيندي آهي) ◈ بنا ڪپڙن جي سمهڻ ◈ بي حيائيءَ سان پيشاب ڪرڻ (ماڻهن جي سامهون عام رستن تي بنا تڪلف جي پيشاب ڪرڻ وارا غور فرمائن) ◈ دسترخوان تي ڪِريل داڻا ۽ کاڌي جا ذرا وغيره کڻڻ ۾ سُستي ڪرڻ ◈ بصر ۽ ثوم جون کلون ساڙڻ ◈ گهر ۾ ڪپڙي سان ٻُهاري ڏيڻ ◈ رات جو ٻُهاري ڏيڻ ◈ ڪچروگهر ۾ئي ڇڏي ڏيڻ ◈ مشائخ جي اڳيان هلڻ ◈ والدين کي انهن جي نالي سان سڏڻ ◈ هٿن کي گاري يا مٽيءَ سان ڌوئڻ ◈ دروازي جي هڪ حصي سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ ◈ بيت الخلا ۾ وضو ڪرڻ ◈ جسم تي ئي ڪپڙو وغيره سبي وٺڻ ◈ چهرولباس سان خشڪ ڪرڻ ◈ گهر ۾ ڪوريئڙي جو جارو لڳل رکڻ ◈ نماز ۾ سُستي ڪرڻ ◈ فجر جي نماز کانپوءِ مسجد مان جلدي نڪري وڃڻ ◈ صبح جو سوير بازار وڃڻ ◈ دير سان بازار مان اچڻ ◈ پنهنجي اولاد کي بد دعا ڏيڻ (اڪثر عورتون ڳالهہ ڳالهہ تي پنهنجي ٻارن کي پاراتا ڏينديون آهن ۽ پوءِ تنگدستيءَ جي شڪايت بہ ڪنديون آهن!) ◈ گناهہ ڪرڻ خاص ڪري ڪوڙ ڳالهائڻ ◈ ڏيئي کي ڦوڪ ڏئي وسائڻ ◈ ٽُٽل ڦٽي استعمال ڪرڻ ◈ ماءُ پيءُ جي لاءِ دعاءِ خير نہ ڪرڻ ◈ عمامو ويهي ڪري ٻَڌڻ ۽ ◈ پاجامو يا شلوار بيٺي بيٺي پائڻ ◈ نيڪ عملن ۾ بهانا ڪرڻ. (لنوائڻ). (تعليم المتعلم طريق التعلم، ۷۳ تا ۷۶)

عمل کا ہو جذبہ عطا یا الٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی

وسائل بخشش مرمم، ص۱۰۲

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!        صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قافلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪين ۾ دل لڳائڻ، گُناهن کان پاڻ کي بچائڻ، تنگدستي جي آفت مان جند ڇڏائڻ ۽ دُنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ڀلائيون حاصل ڪرڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ گڏوگڏ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ به وڌ کان وڌ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان مهيني وار هڪ مدني ڪم، سنتن جي تربيت جي لاءِ راه خُدا ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقِانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ به آهي. اَحاديثِ مُبارَڪ ۾ مختلف هنڌن تي راه خُدا ۾ سفر جون فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن جيئن ته ٻنهي جهان جي تاجْوَر، سلطانِ بَحرو بَر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرْشادفرمايو: جنهن شخص جا پير راه خُدا ۾ مٽي هاڻا ٿين انهن کي جهنّم جي باهه مس نه ڪندي. (بخاری ،کتاب الجهاد والسیر، با ب من اغبر ت قد ماه...الخ ،۲/ ۲۵۷، حدیث:۲۸۱۱) تنهنڪري اسان تمام اسلامي ڀائر به راه خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ جي انهن فضيلتن کي حاصل ڪرڻ ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائڻ گهرجي مدني قافلن سفر ڪرن سان ڇا ڇا حاصل ٿيندو اچو اشعار جي صورت ۾ ٻڌون ٿا جيئن ته اميرِ اهلِ سُنت فرمائن ٿا

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
قرض ہوگا ادا آکے مانگو دُعا پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو
دُکھ کا درماں ملے آئیں گے دن بھلے ختم ہوں گردشیں قافلے میں چلو

غم کے بادل چھٹیں خُوب خُوشیاں ملیں دل کی کلیاں کِھلیں قافلے میں چلو
مال چوری ہوا یا کہیں گُم گیا خیر ہوگی سُنیں قافلے میں چلو
تنگدستی مٹے دُور آفت ہٹے لینے کو برکتیں قافلے میں چلو

وسائل بخشش مرمم،ص۶۶۹تا۶۷۲

دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پڙهون ٿا:

## مون ويڊيو سينٽر ڇو بند ڪيو؟

لانڍي (باب المدينہ ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: اسان جي علائقي ۾ هڪ ويڊيو سينٽر جي ڀاهران دعوتِ اسلامي سان وابستہ اسلامي ڀاء اُمّت جي اصلاح جي تڙپ ۾ گرمي جي موسم جي تپش ۽ سياري جي موسم جي ٿڌ جي شِدّت جي پروا ڪرڻ جي بغير مُستَقِل مِزاجي سان چوڪ درس ڏيندو هو. اسلامي ڀاء ان ويڊيو سينٽر جي مالڪ کي بہ درس ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندو رهيو پر هو روزانو مصروفيت جو چئي معذرت ڪندو هئس آخرڪار هڪ ڏينهن چوڪ درس ۾ شرڪت ڪري ورتي. جڏهن مبلغِ دعوتِ اسلامي درس شروع ڪيو تہ خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي سان ڀرپور لفظ تاثير جو تير بڻجي ان جي دل تي اثر ڪيو. دل ۽ دماغ تي ڇانيل غفلت جا پردا هٽجي ويا. ان تي چوڪ درس جي برڪت سان فڪرِ آخرت غالب اچي وئي. جڏهن مبلغ دعوتِ اسلامي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي تہ هڪدم راضي ٿي ويو ۽ ائين هو هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ٻين مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ لڳو. اَلحَمدُ لِله عَزَّوَجَلَّ ٿوري ئي عرصي ۾ ان ۾ مُثبت

تبديلي اچڻ لڳي. ان پنهنجن تمام اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ گُناهن ۾ مبتلا ڪرڻ وارو ڪاروبار (ويډيو سينٽر) ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڌاڳو، ليس پٽي جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان ويډيو سينٽر جي مالڪ ۾ ڪهڙي زبردست مُثبت تبديليون ظاهر ٿيون جو نہ صرف هو نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو بلڪ ويډيو سينٽر جهڙو برو ڪاروبار بہ ڇڏي ڏنو. يقيناً جيڪڏهن تمام مُسلمان ڪاروبار ۽ ٻين مُعاملن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني وارا ڪم ڇڏي ڏين ۽ ان جي ياد کي پنهنجي دل ۾ آباد رکن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان قوي اميد آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي رزق ۾ اهڙي برڪت عطا فرمائي جو انهن جي معاشي مسئلن جو نالو ۽ نشان بہ باقي نہ رهي.

## رزق ۾ برڪت جا ذريعا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو تہ جهڙي طرح رزق جي تنگي ۽ معيشت جي تباهي کان نجات جي لاءِ تنگدستي جو سبب بڻجڻ وارين شين کان بچڻ ضروري آهي اهڙي طرح رزق جي گهٽائي ۽ معيشت جي ترقّي جي لاءِ رزق ۾ وسعت ۽ خير و برڪت پيدا ڪرڻ وارين شين کي اختيار ڪرڻ بہ انتهائي ضروري آهي. اچو رزق ۾ برڪت پيدا ڪرڻ وارا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا.

◈رشتيدارن ۽ خاص ڪري ماء پيء سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ. (بخاري،ڪتاب الادب،باب من بسط...الخ،۴/۹۷،حديث:۵۹۸۶) ◈ تقويٰ اختيار ڪرڻ يعني الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ (گناهن کي ترڪ ڪرڻ) ◈ نمازِ چاشت پڙهڻ (جوتہ هي عمل رزق ۾ برڪت جي لاءِ بي حد مفيد ۽ مجرب آهي.) ◈ قرآنِ پاڪ جون مختلف سورتون پڙهڻ مثال طور سورۃ

الملڪ، سورةُ المزمل، سورةُ الليل ۽ سوره اَلَمۡ نَشۡرَحۡ ۽ خصوصاً سورةُ الواقعه جي تلاوت ڪرڻ به رزق ۾ ڪشادگي جو سبب آهي. ◈ صدقا ادا ڪرڻ، حديثِ پاڪ ۾ آهي اَسْتَنْزِلُوا الرِّزْقَ بِالصَّدَقَةِ ترجمو: صدقات جي ذريعي رزق طلب ڪيو. (الکامل فی ضعفاء الرجال،حبیب بن ابی حبیب،۳/۳۲۶) ◈ صبح سوير جاڳڻ (۽ فجر جي نماز ادا ڪرڻ) نعمتن ۾ اضافي جو سبب بڻجندو آهي. ◈ ماڻهن سان خنده پيشاني ۽ خوش ڪلامي به رزق کي وڌائي ٿو. ◈ پنهنجي گهر جي ماحول ۽ گهر جي ٿانون وغيره کي صاف سٿرو رکڻ به رزق کي وڌائي ٿو . ◈ پنج ئي نمازن جي ادائيگي ۽ ان ۾ خشوع وخضوع ۽ تعديلِ ارڪان جو لحاظ ڪندي واجب، سنتن ۽ آداب جو پوري طرح لحاظ رکڻ رزق ۾ خير و برڪت جو ذريعو آهي . (راہِ علم،ص ۱۰۵ ماخوذاً) ◈ مسجد ۾ اذان کان اڳ ۾ پهچڻ رزق ۾ خير وبرڪت جو ذريعو آهي ، هميشه باوضو رهڻ رزق ۾ خير وبرڪت جو ذريعو آهي ، عشا نماز کان بعد دنياوي ڳالهه ٻولهه نه ڪرڻ رزق ۾ خير وبرڪت جو ذريعو آهي ، غير مفيد ۽ فضول ڳالهين کان اجتناب ڪرڻ به رزق ۾ خيرو برڪت جو ذريعو آهي. ◈ پنهنجي ٻارن جي ماءُ جي لباس ۽ نفقه (يعني خرچ ۽ کائڻ وغيره) ۾ وسعت ڪرڻ. ◈ عاشوراء (يعني ڏهه (10) مُحَرَّمُ الحرام) جي ڏينهن پنهنجي ٻار ٻچن جي کائڻ پيئڻ ۾ خوب فراخي ۽ ڪشادگي ڪرڻ. (ماثبت بالسنۃ،ص۱۷) ◈ رات ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهرڻ. (مجمع الزوائد، کتاب الادعیۃ،رقم ۱۷۱۹۹،۱۰ /۲۲۱)

◈ ڏينهن جي شروع ۾ گهر اندر بسم الله ۽ سورةُ الاخلاص پڙهڻ. ◈کائڻ کان پهريان ۽ بعد جو وُضُو ڪرڻ (يعني هٿ منهن ڌوئڻ). (کَنزُالعُمّال،۱۰/۱۰۶ حدیث: ۴۰۷۵۵) ◈ دين جي احڪامن تي پابندي سان عمل ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ڪرڻ. (شعب الایمان،۶/۲۱۹،حدیث: ۷۹۴۷) ◈ طهارت ۽ پاڪيزگي اختيار ڪرڻ. ◈ دسترخوان تي ڪريل ٽڪڙن کي چُوندي کائڻ. (اتحاف السادۃ المتقین ، الباب الاول،۵/۵۹۷) ◈ تَهجُّد نمازِ پڙهندو رهڻ،

توبہ جي ڪثرت ڪندو رهڻ ۽ فجر جون سُنّتون ۽ فرضن جي وچ ۾ ستّر (70) ڀيرا اِستِغفار ڪرڻ، گهر ۾ آيةُ الْکُرسی پڙهڻ ۽ ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهڻ. (سنی بہشتی زیور، ص ۶۰۹،ملخصاً) ◈ قرآنِ ڪريم ۽ ديني ڪتاب مدرسن جي لاءِ وقف ڪرڻ. ◈ ٻين تائين علمِ دين پهچائڻ جيتوڻيڪ قرآن جي هڪ آيت يا دين جو هڪ مسئلو هجي.

اچو احاديثِ مُبارڪ جي روشني ۾ ترقي معيشت ۽ رزق ۾ برڪت بابت ٿي (3) مزيد مدني گل مُلاحظ ڪيو.

## رزق ۾ برڪت جا روحاني علاج

1. نبين جي تاجْوَر، مَحبوبِ رَبِّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن استغفار کي پاڻ تي لازم ڪري ورتو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر پريشاني دور فرمائيندو ۽ هر تنگي کان راحت عطا فرمائيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهه تان رزق عطا ڪندو جتان ان کي گمان بہ نہ هوندو. (ابن ماجه،کتاب الادب ،باب الاستغفار ،۴/ ۲۵۷، حدیث: ۳۸۱۹)

2. ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ۾ آهي: هڪ صحابي(رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه) خدمتِ اقدس (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: دنيا مون کان ڦُٽ ڦيري آهي. فرمايائون: ڇا اها تسبيح توهان کي ياد ناهي جيڪا ملائڪن جي تسبيح آهي ۽ جنهن جي برڪت سان روزي ڏني ويندي آهي. دنيا جي مخلوق تون وٽ ذليل ۽ خوار ٿي ايندي، طلوعِ فجر سان سو ڀيرا چوندو ڪر "سُبْحٰنَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحٰنَ اللهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهٖ اَسْتَغْفِرُ الله" (لسان المیزان،حرف العین،۴/۳۰۴ ،حدیث:۵۱۰۰) ان صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي ست ڏينهن گذريا هئا جو خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائون: حضور! دنيا مون وٽ ايتري ڪثرت سان آئي، مان حيران آهيان ڪٿي کڻان ڪٿي رکان. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص ۱۲۸)

3. حضرت سَيِدُنا سَهل بن سَعَد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ بيان ڪن ٿا تہ هڪ شخص حضورِ اَقْدَس شفيعِ روزِ مَحْشَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابَرَڪت ۾ حاضر ٿي پنهنجي مفلسي جي شڪايت ڪئي. پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو، جڏهن توهان گهر ۾ داخل ٿيو تہ گهروارن کي سلام ڪيو ۽ جيڪڏهن ڪو نہ هجي تہ مون تي سلام عرض ڪيو ۽ هڪ ڀيرو قُلْ هُوَاللّٰه شريف پڙهو. ان شخص ائين ئي ڪيو پوءِ الله تعاليٰ ان کي ايترو مالا مال ڪري ڇڏيو جو ان پنهنجي پاڙيسرين ۽ رشتيدارن جي بہ خدمت ڪئي. (الجامع لاحكام القرآن،للقرطبی،۲۰/۲۳۱)

## مجلسِ تراجم

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ هينئر تائين 100 کان وڌيڪ شُعبن جي ذريعي دينِ مَتين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي، انهن شُعبن مان هڪ شعبو ”مجلسِ تَراجِم“ بہ آهي، جيڪو اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو مُختلف زَبانن ۾ تَرجمو ڪرڻ جي خِدمت سَر اَنجام ڏئي رهيو آهي تہ جيئن اُردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دُنيا جون ٻيون زبانون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيض ياب ٿي سگهن ۽ انهن جو بہ هي مدني ذِهن بڻجي وڃي تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ. تمام ٿوري عرصي ۾ هينئر تائين ان مجلس تحت دُنيا جي تقريباً 35 مختلف زَبانن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي ڪيئي تَصنيفن ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو تَرجمو ٿي چُڪو آهي. اسان کي بہ کپي تہ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رَسالن جو پاڻ بہ مُطالَعو ڪيون ۽

پنهنجي دوستن عزيزن کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريون، ورهائڻ جو سلسلو بہ جاري رکون ۽ ٿي سگهي تہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي نيت سان تحفن ۾ ڪتاب ۽ رسالا ڏيندا رهون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اڄ جي هفتي وار سُنّتن ڀري اجتماع** ۾ ٻڌو تہ ◈ جيڪي خوش نصيب ماڻهو کاڌو کائڻ وقت کاڌي جي سنتن ۽ آداب جو خيال رکندا آهن ۽ ◈ گڏجي کاڌو کائيندا آهن ◈ ۽ رزق جي قدر ڪندي کاڌي جا ڪريل ٽڪرا چوندي کائيندا آهن الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي رزق ۾ خير و برڪت عطا ڪندو آهي ◈ ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو رزق جي ناقدري ڪندا آهن اهي رزق جي تنگي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن بلڪ ◈ حديثِ پاڪ جي روشني ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ان عظيم نعمت جي بي حُرمتي ڪرڻ وارن کان اها نعمت اهڙي رُسندي آهي پوءِ واپس موٽندي ناهي ◈ تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي تمام نعمتن جي قدر ڪرڻ گهرجي ڇوتہ نعمتن جي ناشڪري بہ نعمت جي زوال جو سبب ٿيندو آهي◈ رزق جي محرومي کان بچڻ جي لاءِ گُناهن کان توبہ ڪرڻ بہ ضروري آهي ڇوتہ حديثِ پاڪ جي مطابق گُناهن جي نحوست جي ڪري انسان رزق کان محروم ڪيو ويندو آهي◈ رزق ۾ خير و برڪت جي خواهشمند کي کپي تہ ◈ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل مال مان صدقو ڪري، ◈ زڪوٰة فرض هئڻ جي صورت ۾ زڪوٰة ادا ڪري ◈ ماءُ پيءُ جي خُوب خدمت ڪري ◈ ٻارن ٻچن تي خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪنجوسي کان ڪم نہ وٺي ◈ روزگار ۽ ٻين معاملن ۾ سچ ۽ ديانت داري کان ڪم وٺي ◈ استغفار ۽ ذڪر و دُرود جي ڪثرت ڪري ◈ رزق وغيره تمام معاملن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي

ڪامل پروسو ڪري ◈ فرض نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ زهي نصيب اشراق، چاشت ۽ تهجد جو بہ اهتمام ڪري. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تمام مسلمانن جي مشڪلن کي آسان فرمائي، اسان کي سچو پڪو نمازي بڻائي ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مرڻ گهڙي تائين استقامت عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة المصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جا اهم مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخِ طريقت،اميراهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَنِي گل“ مان ڳالهہ ٻولهہ جي حوالي سان ڪجهہ اهم مدني گل ٻڌون ٿا: ◈ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪيو ◈ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. ◈ رڙيون ڪري ڳالهائڻ کان حد درجہ احتياط ڪيو.◈ ڪٿي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آداب

سکندو. ◈ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالھ ناهي ◈ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽڻ کان بچو ۽ ڳالھ ٻولھ دوران ٽهڪ ڏيڻ کان بچو ڇوتہ ٽهڪ لڳائڻ سنت مان ثابت ناهي. ڳالهائڻ وقت هميشہ ياد رکو تہ وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي. ◈ ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالھ ڪئي وڃي. ◈ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوٰی رضويہ، ۲۱/۱۲۷) ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالھ) کان ڪم وٺي ٿو.“ (كتابُ الصَّمْت مع موسوعةالامام ابن ابى الدنيا، ۷/۲۰۴ حديث: ۳۲۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تم سُدھر جاؤ گے گر اِدھر آؤ گے سیکھنے سنّتیں، قافِلے میں چلو
فضلِ مولیٰ سے جب آئیں گے پائیں گے جذبۂ علم دیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّی

الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1 …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2 …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] …افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

[3] …القول البديع،الباب الاول،ص125

## (6)دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترہيب،کتاب الذکر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰
[2] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
[3] ... تاريخ ابنِ عساکر،۱۹/۱۵۵،حديث:۴۴۱۵